
# مرحوم

# والدين جا حقَ

26 March 2026

(For Islamic Brothers)

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان



26 مارچ 2026ع (متوقع اسلامي تاريخ: 6 شوال شريف 1447ھ)

## تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعات ۾ ٿيڻ وارو بيان

# مرحوم والدين جا حَقَ

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ ....


❖ صحابہ ڪرام جي مَرحُومِين سان رحمدلي صفحو: 9

❖ ماءُ پيءُ جو واعدو نڀايو صفحو: 13

❖ ماءُ پيءُ جي لاءِ دعا نہ ڪرڻ جو وبال صفحو: 16

❖ مقبول حج جو ثواب صفحو: 20



پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَارَسُوْلَ اللہ وَعَلٰی آلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَاحَبِیْبَ اللہ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَانَبِیَّ اللہ وَعَلٰی آلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَانُوْرَ اللہ

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِکَاف (ترجمو: مون سنت اعتکاف جي نيت ڪئي)

# درود پاڪ جي فضيلت

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَكْثَرَ الصَّلَاةَ عَلَيَّ نَوَّرَ اللهُ قَلْبَهُ يعني جيڪو مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهندو الله پاڪ ان جي دل روشن ڪري ڇڏيندو. (1)

سر سے پا تک کروڑ بار سلام | اور سراپا پہ بے شمار دُرود
اے حسنؔ خارِ غم کو دِل سے نکال | غمزدوں کی ہے غمگُسار دُرود (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. (3)

1...بستان الواعظین لابن جوزی، ص240۔
2...ذوقِ نعت، ص124تا125 ملتقطاً۔
3...بخاری، کتاب بدءالوحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ۞ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ باادب ويهندس ۞ خوب توجهہ سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# حضرت سعد بن عُبَادہ رَضِیَ اللّٰہُ عنه جو تعارُف

حضرت سعد بن عُبَادہ رَضِیَ اللّٰہُ عنه عظيم صحابيءِ رسول آهن ۽ انصار جي وڏن سردارَن مان هڪ آهن. حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عنه فرمائن ٿا تہ جڏهن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم لشڪر ساڻ ڪري نڪرندا هئا تہ انصارن جو جهنڊو حضرت سعد بن عُبَادہ رَضِیَ اللّٰہُ عنه کڻندا هئا. (1) پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سندن ديني خدمتن جي ساراهہ ڪندي هڪ ڀيري دعا ڪئي: يا الله اسان جي طرفان سڀني انصارن، خاص طور سعد بن عُبَادہ کي جزاءِ خير عطا فرماءِ. (2) هڪ موقعي تي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڪين هن طرح دعا ڪئي:

اَللّٰهُمَّ اجْعَلْ صَلَوَاتِكَ وَرَحْمَتَكَ عَلٰى آلِ سَعْدِ بْنِ عُبَادَةَ

**ترجمو:** يا الله پاڪ سعد بن عُبَادہ جي آل تي پنهنجو درود ۽ رحمت

1…الاصابة في تمييز الصحابة، جلد:3، صفحہ:57۔
2…سنن کبریٰ للنسائی، جلد:7، صفحہ:361، رقم:8223۔

نازل فرماءِ. (1)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! غور ته فرمايو حضرت سعد بن عُبَاده رَضِیَ اللّٰہُ عنه ڪيڏا نہ خوش نصيب صحابي هئا. اسان سڀ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ درودن جا نذرانا پيش ڪندا آهيون، پر محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہُ عنه کي نوازيندي فرمايو: اي الله پاڪ! سعد بن عُبَاده تي درود نازل فرماءِ.

ہر صحابیِ نبی! جنّتی! جنّتی! سب صحابیات بھی! جنّتی! جنّتی!
چار یارانِ نبی! جنّتی! جنّتی! حضرت صدیق بھی! جنّتی! جنّتی!
اور عمر فاروق بھی! جنّتی! جنّتی! عثمان غنی! جنّتی! جنّتی!
فاطمہ اور علی! جنّتی! جنّتی! ہیں حسن حسین بھی! جنّتی! جنّتی!
والدینِ نبی! جنّتی! جنّتی! ہر زوجۂ نبی! جنّتی! جنّتی!
اورابوسُفیان بھی! جنّتی! جنّتی! ہیں معاویہ بھی! جنّتی! جنّتی! (2)

1...ابوداود، کتاب الادب، باب کم مرۃ یسلم...الخ، صفحہ:808، حدیث:5185۔
2...وسائلِ فردوس، صفحہ:53۔

# اُمِّ سعد جو کُوھ

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت سعد بن عُبَادہ رَضِیَ اللّٰہُ عنہ پنھنجي ماءُ سان تمام گھڻو پيار ڪندا ھئا. ھڪ دفعي حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہُ عنہ ڪنھن سفر تي ھئا تہ پويان سندن ماءُ جو انتقال ٿي ويو.

اڄڪلھہ جو دور تہ نہ ھو جو فون ڪجي ھا ۽ حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہُ عنہ جھاز، بس يا ٽرين ۾ چڙھي جلدي واپس پھچي وڃن ھا، ان وقت پيدل يا گھوڙن تي سفر ٿيندو ھو، ھڪ سفر ۾ ڪيترائي مھينا لڳي ويندا ھئا. تنھنڪري سفر تي ھجڻ سبب ڪين اھڙو اطلاع نہ ٿي سگھيو، جڏھن پاڻ سفر تان واپس آيا تہ پنھنجي ماءُ جي وفات جو ٻڌي ڏاڍو غمگين ٿيا.

توھان پاڻ اندازو لڳايو تہ پٽ کي ماءُ جي جنازي ۾ شرڪت جو موقعو بہ نصيب نہ ٿئي تہ ڪيس ڪيترو نہ ڏک ۽ تڪليف ٿيندي ۽ ڪيتريون نہ حسرتون سندس دل ۾ رھجي وينديون. بھرحال، قدرت جي جيڪو ڪرڻو ھو سو ٿي ويو. حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہُ عنہ انھيءَ ڏک واري ڪيفيت ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: يا رسول اللّٰہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مان سفر تي ھئس تہ پويان منھنجي ماءُ جو انتقال ٿي ويو، ھاڻي مان جيڪڏھن انھن جي طرفان صدقو ڪريان تہ ڇا اُنھن کي ان جو فائدو پھچندو؟ فرمايائون: ھا! ان کي فائدو پھچندو. (1)

1…بخاری، کتاب الوصایا، باب الاشھاد فی الوقف والصدقۃ، صفحہ:718، حدیث:2762۔

هڪ ٻي روايت ۾ آهي تہ حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہُ عنہ پڇيو: فَأَيُّ الصَّدَقَةِ أَفْضَلُ؟ يعني يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم! ڪهڙو صدقو وڌيڪ افضل آهي؟ فرمايائون: اَلْمَاءُ يعني پاڻيءَ جو صدقو وڌيڪ افضل آهي.

تنهنڪري حضرت سعد بن عُبَادہ رَضِیَ اللّٰہُ عنہ پنهنجي ماءُ جي ايصالِ ثواب لاءِ هڪ کُوھ کوٽايو. پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم ان کُوھَ جو نالو بِئرِاُمِّ سَعْد (يعني سعد جي ماءُ جو کُوھ) رکيو. (1)

| | |
|---|---|
| بخش دے بے حساب اے خُدا بخش دے | تجھ کو محبُوب کا واسطہ یاخُدا! |
| میرے ماں باپ کی، آل و اَحباب کی | مغفرت کر برائے رضا یاخُدا! |

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪا حديث پاڪ اسان ٻڌي، ان مان اسان کي ڪيترائي سبق سکڻ لاءِ ملن ٿا.

## (1): شَيُن جي نسبت بزرگن ڏانهن ڪرڻ ڪيئن آهي

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم ايصالِ ثواب لاءِ کوٽايل کُوھ کي بِئرِاُمِّ سَعْد جو نالو ڏنو. معلوم ٿيو تہ شين کي بزرگن ڏانهن نسبت ڪرڻ جائز آهي. مثال طور: ۞ اسان وٽ ٻارهين شريف جو اهتمام ٿيندو آهي، ان ۾ جيڪو لنگر پچايو ويندو آهي ان کي ٻارهين جو کاڌو يا ٻارهين جو لنگر چيو ويندو آهي. ۞

1...ابوداود، کتاب الزکاۃ، باب فی فضل سقی الماء، صفحہ:274، حدیث:1681۔

ڪجهه خوشنصيب غوث پاڪ رَحمةُاللهِعَلَيْه ۽ پنهنجن پيرانِ عظام جي ايصال ثواب لاءِ قربانيون ڪندا آهن، انهن کي غوث پاڪ جو ٻڪرو، خواجه حضور جي ڳئون وغيره جو نالو ڏيندا آهن اهو بلڪل جائز آهي. ان جو مطلب اِهو ٿي هوندو آهي ته ڪاڏو ڪارائڻ، قرباني ڪرڻ الله جي رضا جي لاءِ آهي، ان جو جيڪو ثواب اسان کي ملندو آهي، اُهو اسان غوث پاڪ، خواجه حضور ۽ پنهنجن پيرن جي نذر ڪندا آهيون ٿا. اهڙو ڪاڏو کائڻ، اهڙي قرباني جو گوشت کائڻ بلڪل جائز آهي. الله پاڪ قرآن پاڪ ۾ فرمائي ٿو:

فَكُلُوْا مِمَّا ذُكِرَ اسْمُ اللّٰهِ عَلَيْهِ اِنْ كُنْتُمْ بِاٰيٰتِهٖ مُؤْمِنِيْنَ ﴿۱۱۸﴾

(پارو: 8 سورة الانعام: 118)

ترجمو ڪنز العرفان: پوءِ ان منجهان کائو جنهن تي الله جو نالو ورتو ويو جيڪڏهن توهان ان جي آيتن تي ايمان رکو ٿا.

يعني اي ايمان وارو! جيڪڏهن توهان الله جي آيتن تي ايمان رکو ٿا ته اُهي شيون کائو جن تي الله پاڪ جو نالو ورتو ويو آهي.

ان کان پوءِ جيڪو الله پاڪ فرمايو اُهو غور سان ٻڌو! فرمايو ويو:

وَمَا لَكُمْ اَلَّا تَاْكُلُوْا مِمَّا ذُكِرَ اسْمُ اللّٰهِ عَلَيْهِ وَقَدْ فَصَّلَ لَكُمْ مَّا حَرَّمَ عَلَيْكُمْ

(پارو: 8 سورة الانعام: 119)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ توهان کي ڇا ٿيو آهي ته توهان ان منجهان نه کائو جنهن تي الله جو نالو ورتو ويو آهي. حالانڪ اهو توهان جي لاءِ اهي شيون تفصيل سان بيان ڪري چڪو آهي

جيڪي ان توهان تي حرام ڪيون آهن

هتي قرآن پاڪ جو انداز ڏسو! فرمايو ويو: توهان کي ڇا ٿيو آهي؟ ڪهڙو سبب آهي؟ ڪهڙو مقصد آهي جو جن شين تي الله پاڪ جو نالو ورتو وڃي، توهان انهن کي نه ٿا کائو. جيڪي حرام شيون آهن اُهي واضع ڪري ٻڌايون ويون آهن، انهن کان ضرور بچو، اُهي نه کائو، پر جيڪي حلال شيون آهن، انهن تي الله پاڪ جو نالو ورتو وڃي ته ان سان اُهي حرام نه ٿي ويندیون، اُهي حلال ئي رهنديون، انهن کي ضرور کائو!

هاڻي ڏسو! ۞ ڪاڏو ۞ پاڻي ۞ ميوا ۞ ٻڪري ۞ ڳئون وغيره اهي سڀ حلال شيون آهن. ۞ يارهين شريف جو ختم هجي، قل شريف جو ختم هجي يا الله وارن جي نالي تي قربانيون ڪيون وڃن، انهن تي الله پاڪ جو نالو ئي پڙهيو ويندو آهي، قرآني آيتن جي تلاوت ڪئي ويندي آهي، خاص طور تي جانور ذبح ڪرڻ وقت الله پاڪ جو ئي نالو ورتو ويندو آهي. معلوم ٿيو ته الله پاڪ جو نالو وٺڻ سان اهي شيون حرام نه ٿي وينديون پر انهن ۾ وڌيڪ برڪت اچي ويندي، تنهنڪري اهڙن کاڌن کي تبرڪ طور کائڻ گھرجي.

## (2): ڇا فوت ٿي ويلن کي ثواب پهچندو آهي؟

حضرت سعد بن عباده رَضِیَ اللّٰہُ عنه واري حديث پاڪ مان بي ڳالهه

هيءَ معلوم ٿي تہ اسان پنهنجن فوت ٿيلن لاءِ نيڪ ڪم ڪريون ۽ ان جو ثواب کين پهچايون تہ ان جو فائدو کين ضرور پهچندو آهي.

صحابيءِ رسول حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عنہ فرمائن ٿا: مون عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تان قربان ٿين ...!! اسان پنهنجن فوت ٿيلن لاءِ صدقو ڪندا آهيون، انهن جي طرفان حج ڪندا آهيون تہ ڇا اهو کين پهچندو آهي؟ فرمايائون: **ها! اُهو کين پهچندو آهي ۽ اهي اُن (ايصالِ ثواب) تي اهڙي طرح خوش ٿيندا آهن جيئن توهان (زنده ماڻهو) تحفي ملڻ تي خوش ٿيندا آهيو.** (1)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن کو اسان کي تحفو ڏيندو آهي تہ اسان کي ڪيڏي نہ خوشي ٿيندي آهي، پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اهڙي ئي خوشي فوت ٿيلن کي ان وقت ٿيندي آهي جڏهن کين ايصال ثواب جو تحفو پيش ڪيو ويندو آهي.اِها ڪيڏي نہ پياري ڳالھ آهي، هاڻي ٿورو تصور ڪريو! ۞ اسان صحابہ ڪِرام کي ايصال ثواب جا نذرانا پيش ڪندا آهيون ۞ اولياءِ ڪرام کي ايصال ثواب ڪندا آهيون ۞ حضور غوث پاڪ جي يارهين ڪندا آهيون ۞ خواجہ حضور رَحمۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جو نياز ورهائيندا آهيون ۞ اعليٰ حضرت رَحمۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي خدمت ۾ ثواب پيش ڪندا آهيون. ان تي اُهي بزرگ ڪيڏو نہ خوش ٿيندا هوندا ۽ هي اسان جو ايمان ۽ يقين آهي تہ جنهن کان ۞ صحابہ ڪرام ۞

1...عمدۃ القاری، کتاب الوضو، جلد:2، صفحہ:599، زیرِ حدیث:216۔

اهل بيتِ اطهار ۞ اولياءِ ڪرام خوش ٿي وڃن، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ان جا بيڙا پار ٿي ويندا.

# صحابہِ ڪرام جي مرحومِين سان رحمدلي

پيارا اسلامي ڀائرو! ايصالِ ثواب ڪرڻ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عنهم جي معمولات ۾ شامل هو. جڏهن ڪو دنيا مان رخصت ٿي ويندو هو تہ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عنهم مختلف طريقن سان ڪيس ايصال ثواب ڪندا هئا. جيئن روايتن ۾ آهي تہ: ❀ انصار صحابہ جو هي معمول هو تہ جڏهن ڪو فوت ٿي ويندو هو تہ ان جي قبر تي ويندا هئا ۽ اتي قرآن پاڪ جي تلاوت ڪندا هئا. (1) ❀ حضرت امام حسن ۽ حسين رَضِيَ اللّٰهُ عنهما پنهنجي والدِ محترم يعني مسلمانن جي چوٿين خليفي مولا علي، شيرِ خدا رَضِيَ اللّٰهُ عنه جي ايصال ثواب لاءِ غلام آزاد ڪندا هئا. (2) ❀امام سيوطي رَحمةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: صحابہ ڪِرام رَضِيَ اللّٰهُ عنهم ستن ڏينهن تائين مُردي جي طرفان کاڌو کارائيندا هئا. (3)

اهڙي طرح صحابہِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عنهم ٻين بہ ڪيترن ئي طريقن سان ميت کي فائدو پهچائيندا هئا. مثال طور ۞ سورة يٰس پڙهي ان جو ثواب ميت کي پهچائيندا هئا ۞ بزرگن جي استعمال ٿيل ڪپڙن ۾

1...شرح الصدور، باب فی قراءة القرآن للميت...الخ، صفحہ:218۔
2...مصنف ابن ابی شيبة، کتاب الجنائز، باب ما يتبع الميت بعد موته، جلد:3، صفحہ:262، حديث:12۔
3...الحاوی للفتاوىٰ، طلوع الثريا باظهار ماكان خفيا، صفحہ:591۔

ميت کي ڪفن ڏيندا هئا ۞ ڪفن تي آيتون، ڪلمو شريف وغيره لکندا هئا تہ جيئن ميت کي ان مان فائدو پهچي ۞ دفن ڪرڻ کان پوءِ ميت کي تلقين ڪندا هئا (يعني حديث پاڪ ۾ بيان ڪيل طريقي جي مطابق ميت کي قبر جا سوال ياد ڏياريندا هئا) ۞ ان جي لاءِ قبر جي امتحان ۾ ڪاميابي جي دعا ڪندا هئا ۞ قبر تي ڪا تازي يا سائي شاخ يا ٻي ڪا شيءِ رکندا هئا (جيئن ان جي تسبيح سان ميت کي فائدو پهچي) ۞ دفن ڪرڻ کان پوءِ قبر تي ترسندا هئا ۞ قبرستان وجي دعائون ڪندا هئا ۞ مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ صدقو ڪندا هئا ۞ ۽ انهن جي طرفان قرباني بہ ڪندا هئا.(1)

سُبۡحٰنَ الله! الله پاڪ اسان کي بہ توفيق بخشي، اسان بہ پنهنجن مرحومين سان نيڪ سلوڪ ڪريون.. الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

وہ ظہوریؔ یار میرا، وہی غم گُسار میرا | میری قبر پر جو آ کر نعتِ نبی سُنائے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

# (3): والدين جا حَقَ پورا نہ ٿا ڪري سگهجن

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت سعد رَضِیَ اللهُ عَنه واري حديث مان ٽين ڳالهہ اِها معلوم ٿي تہ والدين ٻَئي يا ٻنهي مان ڪو بہ هڪ دنيا مان هليو وڃي تڏهن بہ انهن سان نيڪي ۽ سٺو سلوڪ جاري رکيو ويندو.

1…سورِ صحابہ میں ایصال ثواب کی مختلف صورتیں، صفحہ: 51-158 ملخصاً۔

هيءَ ڳالهہ هميشہ ياد رکو تہ والدين جا حق تمام گهڻا آهن، ايترا تہ گهڻا آهن جو اسان ڪنهن بہ طرح انهن جا سمورا حق مڪمل طرح پورا نہ ٿا ڪري سگهون. هڪ ڀيري اعليٰ حضرت رَحمةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ سوال ٿيو: ماءُ پيءُ جا حق ڪيترا آهن؟ (شايد سائل اِهو چاهي پيو تہ مون ڪي سندن حق ڳڻي ٻڌايا وڃن تہ جيئن مان انهن کي پورو ڪري سگهان). سيدي اعليٰ حضرت رَحمةُ اللهِ عَلَيْه واهہ جو جواب ڏنو فرمايائون: والدين جا حق ايترا آهن جو پورا ڪرڻ ناممڪن آهي، ايسيتائين جو جيڪڏهن والدين وفات ڪري وڃن ۽ پٽ انهن کي ٻيهر زنده ڪرڻ جي طاقت رکندو هجي تہ کين ٻيهر جيئرو ڪري، اِهو بہ سندن حقن ۾ شامل آهي.[1]

اللہ اکبر! معلوم ٿيو تہ ماءُ پيءُ جا حق ڪنهن بہ طرح پورا نہ ٿا ڪري سگهجن. ايسيتائين جو والدين جيڪڏهن دنيا مان هليا بہ وڃن تڏهن بہ سندن حَقَ اسان تي لازم آهن.

## مرحوم والدين جا حَقَ

اسان وٽ عام طور تي ماڻهن کي الحمدللہ ماءُ پيءُ سان محبت تہ هوندي آهي. پر هڪ غلط مزاج جيڪو اسان وٽ رائج آهي، اُهو هي تہ جڏهن ماءُ پيءُ يا ٻنهي مان ڪو هڪ وفات ڪري ويندو آهي تہ اولاد ساڻن پنهنجي محبت جو اظهار هن طرح ڪندي آهي جو سندن قبر پڪي ڪرائي ڇڏيندي آهي، قبر تي ماربل لڳرائي ڇڏيندي آهي يا خوبصورت قبر نهرائي ڇڏيندي آهي.

قبر پڪي ڪرائڻ جائز آهي يا نہ؟ اهو هڪ الڳ مسئلو آهي، ان

1...فتاوٰی رضویہ، جلد: 14، صفحہ: 370 خلاصۃً۔

جي باري ۾ تفصيل دار الافتاء اهل سنت کان پڇڻ گهرجي. پر اسان کي جيڪڏهن پنهنجي والدين سان محبت جو اظهار ڪرڻو آهي ۽ ضرور ڪرڻ گهرجي، ته ان جو طريقو ڪهڙو آهي؟ اُهي ڪهڙا حق آهن جيڪي والدين جي وفات کان پوءِ به اسان تي لازم آهن؟ اچو ته ان بابت ڪجهه حديثون پڙهون ٿا:

# مرحوم والدين جا 4 حَقَ

هڪ دفعي هڪ انصاري صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عنه بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: يا رسول الله صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم! ماءُ پيءُ جي انتقال کان پوءِ به ڪو طريقو انهن سان نيڪ سلوڪ ڪرڻ جو آهي؟ فرمايائون: نَعَمْ أَرْبَعَةُ أَشْيَاءَ: الصَّلَاةُ عَلَيْهِمَا، وَالِاسْتِغْفَارُ لَهُمَا، وَإِنْفَاذُ عَهْدِهِمَا مِنْ بَعْدِ مَوْتِهِمَا، وَإِكْرَامُ صَدِيقِهِمَا ها! والدين جا چار حق سندن وفات کان پوءِ به ادا ڪرڻ لازمي آهن: **(1):** انهن جي نمازِ جنازه ادا ڪرڻ **(2):** انهن جي لاءِ مغفرت جون دعائون ڪرڻ **(3):** انهن جا ڪيل واعدا پورا ڪرڻ (مثال طور والدين ڪنهن سان ڪو واعدو ڪيو هجي ته اُهو پورو ڪرڻ) **(4):** سندن دوستن جي عزت ڪرڻ.[1]

هِي 4 حق آهن: **(1):** جنازي نماز ادا ڪرڻ: هُونئن بهتر ته هي آهي ته پٽ پاڻ پنهنجي ماءُ پيءُ جو جنازو پڙهائي، پر افسوس! اجڪلهه حالتون ڏاڍيون عجيب آهن، ماءُ پيءُ پنهنجو پگهر وهائي ڏينهن رات هڪ ڪري جن ٻارن کي پاليندا آهن، اُهي ان لائق ئي نه هوندا آهن ته جنازو پڙهائي سگهن. ڪاش ائين ٿي وڃي جو هر پٽ

---

1... سنن کبریٰ للبیہقی، جماع الابواب من اولی بالصلاۃ علی المیت، جلد:4، صفحہ:185، حدیث:6893۔

ايترو علم دين نہ سکي وٺي جو ماءُ پيءُ جا آخري حق ادا ڪري سگھي.

## ماءُ پيءُ جو واعدو نڀايو!

**(2):** ماءُ پيءُ ڪنهن سان ڪو واعدو ڪيو هجي تہ اولاد کي گھرجي تہ اُهو پورو ڪري. حديث شريف ۾ آهي: جيڪو شخص پنهنجي والدين کان بعد ❁ انهن جو قسم سچو ڪري ❁سندن قرض ادا ڪري ❁ ۽ ٻين جي والدين کي برو چئي کين برو نہ چوِرائي، اهو والدين سان نيڪي ڪرڻ وارو لکيو ويندو آهي، جيتوڻيڪ سندن زندگي ۾ نافرمان ئي ڇو نہ هجي ۽ جيڪو ❁ سندن قَسَم پورو نہ ڪري ❁ انهن جو قرض ادا نہ ڪري ❁ ٻين جي والدين کي برو چئي کين برو چورائي تہ اهو نافرمان لکيو ويندو آهي، جيتوڻيڪ سندن زندگي ۾ ساڻن نيڪ سلوڪ ڪرڻ وارو ڇو نہ هجي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو ڪيتري نہ سبق آموز روايت آهي. جيڪو ❁ ماءُ پيءُ جا قَسَم پورا نہ ڪري ❁سندنقرض ادا نہ ڪري ❁ ۽ اهڙا ڪم ڪري جو ماڻهو سندس والدين کي برو ڀلو چون تہ اهو شخص توڙي جو سندن زندگي ۾ فرمانبردار ئي ڇو نہ رهيو هجي، هاڻي نافرمان سڏيو ويندو.

## ڇا جهڳڙا بہ جاري رکيا ويندا؟

هتي هڪ ڳالهہ عرض ڪندو هلان تہ اڄڪلهہ جيئن تہ علمِ دين جي ڪافي کمي آهي، ڪڏهن ڪڏهن دنياوي جهيڙا تمام گھڻو وڌي ويندا آهن، ايتري تائين جو ڪڏهن ماڻهو پنهنجن ڀائرن ۽

1... معجم اوسط، جلد:4، صفحہ:232، حديث:5819۔

پينرن سان بہ مرڻ جيئڻ ختم ڪري ڇڏيندا آهن ۽ پوءِ اِهو سلسلو نسل در نسل هلندو رهندو آهي. اِهو تمام غلط آهي ۽ ڪجهہ صورتن ۾ گناهن وارو معاملو بڻجي ويندو آهي. جيڪڏهن خدانخواستہ ماءُ پيءُ جو ڪو اهڙي قسم جو رويو رهيو هجي (مثال طور بابا سائين پنهنجن پائرن پينرن سان ناراض رهيا هجن يا امڙ سائڻ جي پنهنجن پائرن پينرن سان اٽڪت رهي هجي ) تہ اولاد کي گهرجي تہ اُن جهڳڙي کي وڌيڪ اڳتي نہ وڌائن بلڪ پنهنجن انهن عزيزن ۽ رشتيدارن سان جلد صلح ڪري ماءُ پيءُ کي قبر ۾ راحت پهچائن. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَالصُّلۡحُ خَيۡرٌ ؕ

ترجموكنزالعرفان: ۽ صلح بهتر آهي.

(پارو: 5 سورة النساء: 128)

ياد رکو! سڳن پائرن پينرن سان مرڻ جيئڻ ختم ڪرڻ قطع تعلق آهي ۽ قطعِ تعلق حرام آهي. الله پاڪ اسان کي اهڙن جهڳڙن کان محفوظ فرمائي..

## پيءُ جي دوست سان سٺو سلوڪ

**(3):** ماءُ پيءُ جي دوستن جي عزت ڪرڻ اهو بہ مرحوم والدين جي حقن ۾ شامل آهي. حضرت عبد الله بن عمر رَضِیَ اللّٰهُ عنه صحابيءِ رسول آهن، هڪ ڀيري پاڻ ڪٿان گذري رهيا هئا تہ هڪ ڳوناٺي سان سندن ملاقات ٿي وئي. جيئن ئي پاڻ کيس ڏٺائون تہ ساڻس نيڪ سلوڪ ڪيائون، جنهن سواريءَ تي پاڻ سوار هئا، اُها بہ ان کي ڏنائون ۽ پنهنجو عمامو لاهي اُهو بہ کيس ڏئي ڇڏيائون. سندن ساٿين عرض ڪيو: عاليجاه! هن کي هڪ درهم بہ ڏيڻ ڪافي هو. پاڻ

فرمايائون: (ھي شخص منھنجي والد حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللہُ عنہ جو دوست ھو) ۽ رسولِ ذيشان، مکي مدني سلطان اللّٰہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان آھي:

اِحۡفِظۡ وُدَّ اَبِیۡكَ لَا تَقۡطَعۡهُ فَیُطۡفِئُ اللهُ نُوۡرَكَ

**ترجمو:** پنھنجي والد جي محبت جي حفاظت ڪريو، اُن کي نہ ٽوڙيو، نہ تہ الله پاڪ توھان جو نُور اُجھائي ڇڏيندو. (1)

سُبۡحٰنَ الله! اسان کي بہ گھرجي تہ والد جي وفات کان پوءِ سندن دوستن کي والد جي جاءِ تي سمجھون ۽ سندن عزت ڪريون.

# والدين جي لاءِ بخشش جي دعا ڪرڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! **(4):** چوٿون حق جيڪو بيان ڪيو ويو اُھو آھي والدين جي لاءِ بخشش جي دعا ڪرڻ. حديث پاڪ ۾ ارشاد ٿيو آھي:

اِسۡتِغۡفَارُ الۡوَلَدِ لِاَبِيۡهِ مِنۡ بَعۡدِ الۡمَوۡتِ مِنَ الۡبِرِّ

ترجمو: پٽ جو پنھنجي والد جي لاءِ ان جي وفات کان پوءِ مغفرت جي دعا ڪرڻ نيڪ سلوڪ آھي. (2)

ھن حديث پاڪ مان معلوم ٿيو تہ مرحوم والدين جي حقن مان آھي تہ ماڻھو پنھنجي والدين جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندو رھي.

---

1... معجم اوسط، جلد:6، صفحہ:238، حديث:8633۔
2... معجم الصحابة لابن قانع، جلد:3، صفحہ:37۔

# هڪ سنتِ ابراهيمي

اسان نماز ۾ دعا پڙهندا آهيون:

رَبَّنَا اغْفِرْ لِيْ وَ لِوَالِدَيَّ وَ لِلْمُؤْمِنِيْنَ يَوْمَ يَقُوْمُ الْحِسَابُ﴿۴۱﴾

(پارو: 13 سورة ابراهيم: 41)

ترجمو ڪنزالعرفان: اي اسان جا رب! مون کي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ کي ۽ سڀني مسلمانن کي بخشي ڇڏ جنهن ڏينهن حساب قائم ٿيندو.

اِها حضرت ابراهيم عليه السلام جي دعا آهي، پاڻ پنهنجي والدين جي لاءِ بخشش جي دعا گهري هئائون. معلوم ٿيو ته مرحوم والدين جي لاءِ بخشش جي دعا ڪرڻ حضرت ابراهيم عليه السلام جي سنت آهي.

# ماءُ پيءُ جي لاءِ دعا نه ڪرڻ جو وَبال

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄڪلھ حالات اهڙا ٿي ويا آهن جو اسان پنهنجن عزيزن کي جلدي وساري ڇڏيندا آهيون، اولاد پنهنجي ماءُ پيءُ تي مٽي وِجهڻ کان ڪجھ ئي ڏينهن پوءِ قبرستان وڃڻ وِساري ويهندي آهي. ياد رکو! والدين جي لاءِ دعا نه ڪرڻ تمام وڏي نقصان جو سبب آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: جڏهن ٻانهو پنهنجي والدين جي لاءِ دعا ڪرڻ ڇڏي ڏيندو آهي ته سندس رزق ختم ڪيو ويندو آهي.(1)

الله اڪبر! ڪيتري نه سبق آموز حديث آهي. ڪيترائي پيرا ائين ٿيندو آهي جو والدين جي وفات کان پوءِ اولاد جون معاشي حالتون

1...جمع الجوامع، جلد:1، صفحہ:292، حديث:2138۔

بگڙڻ شروع ٿي وينديون آهن، شايد اِهو ئي سبب آهي جنهن ڪري وِراثتن جا جهيڙا به جلد شروع ٿي ويندا آهن. غور ڪريو ته ڪٿي ائين ته نه آهي ته والدين جي لاءِ دعائون ڇڏڻ سبب رزق ختم ڪيو ويو هجي.

جن جا والدين دنيا مان هليا ويا آهن، انهن کي ته پنهنجي مستقل عادت بڻائڻ گهرجي ته هر نماز کان پوءِ پر جڏهن به دعا لاءِ هٿ کڻن ته پنهنجي ماءُ پيءُ لاءِ دعا ضرور ڪن.

## ماءُ پيءُ جي طرفان صدقو ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! مرحوم والدين جي حقن مان هڪ حق هي به آهي ته اولاد انهن جي لاءِ ايصالِ ثواب جو سلسلو جاري رکي. اسان وٽ عام طور تي مرحوم والدين جو ۞ ختمِ قل شريف ڪرايو ويندو آهي ۞ ڏهون ٿيندو آهي ۞ پوءِ چاليهو ۞ ان کان پوءِ سال گذرڻ تي ساليانو ختم ڪرايو ويندو آهي. اِهي ڪم به سٺا آهن، اِهي به اسان کي ڪرڻ گهرجن، پر ان جو مطلب هرگز اهو نه آهي ته ماءُ پيءُ دنيا کان هليا ويا ته هاڻي اسان کي سال ۾ هڪ ڀيرو ئي انهن کي ياد ڪرڻو آهي. حديث پاڪ ۾ آهي: رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن توهان مان ڪو شخص نفلي خيرات ڪري ته ڪيس گهرجي ته اُها پنهنجي ماءُ پيءُ جي طرفان ڪري، ان جو ثواب انهن کي ملندو ۽ ڪرڻ واري جي ثواب مان ڪجهه به گهٽ نه ٿيندو. (1)

1... معجم اوسط، جلد: 5، صفحہ: 394، حديث: 7726۔

# ماءُ پيءُ کي ايصالِ ثواب ڪريو!

**هڪ حديث پاڪ ۾ آهي:** هڪ ڀيري هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عنہ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! مان پنهنجي ماءُ پيءُ سان سندن زندگي ۾ نيڪ سلوڪ ڪندو هئس، هاڻي اهي وفات ڪري ويا آهن، هاڻي انهن سان نيڪ سلوڪ ڪرڻ جو ڪهڙو طريقو آهي؟ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو:

إِنَّ مِنَ الْبِرِّ بَعْدَ الْمَوْتِ أَنْ تُصَلِّيَ لَهُمَا مَعَ صَلَاتِكَ وَتَصُومَ لَهُمَا مَعَ صِيَامِكَ

**ترجمو:** بيشڪ مرڻ کان پوءِ ماءُ پيءُ سان نيڪ سلوڪ هي آهي ته
تون پنهنجي نماز سان گڏ انهن جي لاءِ به نماز پڙهه ۽ پنهنجي
روزي سان گڏ انهن جي لاءِ به روزو رک! (1)

هن حديث پاڪ جون به معنائون ٿي سهگن ٿيون: **(1):** جڏهن به توهان نماز پڙهو يا روزو رکو ته ان جو ثواب پنهنجي ماءُ پيءُ کي پهچائي ڇڏيو! **(2):** ٻيو مطلب اِهو ٿي سگهي ٿو ته انهن جي طرفان سندن نمازن ۽ روزن جو فِديو ڏيو ڇاڪاڻ ته اِها به انهن جي وفات کان پوءِ ساڻن ڀلائي جي هڪ صورت آهي.

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو ته صرف ختمِ قل شريف، ڏهون، چاليهو وغيره ئي نه، پر ماءُ پيءُ جي حقن مان آهي ته اولاد پنهنجي هر هڪ نيڪي ۾ والدين کي شامل ڪري، جيڪا به نيڪي ڪري ان جو ثواب ماءُ پيءُ کي پهچائي ۽ نفلي نيڪيون ڪري ڪين ثواب پهچائيندي رهي.

1…عمدة القاری، کتاب الوضوء، جلد:2، صفحہ:598-599، زیرِ حدیث:216۔

# ماءُ پيءُ جي طرفان حج ڪريو!

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم فرمايو: جيڪو پنهنجي والدين جي طرفان حج ڪري يا انهن جو قرض ادا ڪري، الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان کي نيڪَن سان گڏ اٿاريندو.(1)

هڪ روايت ۾ فرمايو ويو: انسان جڏهن پنهنجي والدين جي طرفان حج ڪندو آهي ته اُهو حج ان جي ۽ سندس والدين جي طرفان قبول ڪيو ويندو آهي ۽ ماءُ پيءُ جا روحَ آسمان ۾ ان کان خوش ٿيندا آهن ۽ اُهو شخص الله جي نزديڪ ماءُ پيءُ سان نيڪ سلوڪ ڪرڻ وارو لکيو ويندو آهي.(2)

هڪ ٻي تمام ايمان افروز حديث پاڪ ٻڌو! محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم فرمايو: جيڪو پنهنجي ماءُ پيءُ جي طرفان حج ڪري، انهن جي طرفان حج ادا ٿي ويندو ۽ ان کي وڌيڪ 10 (ڏهن) حجن جو ثواب ملندو.(3)

سُبْحٰنَ الله! ڪيتري زبردست فضيلت آهي. ٻانهو ماءُ پيءُ جي طرفان حج ادا ڪري، ان جو ثواب انهن کي به ملندو ۽ خود ان جو هي حج صرف هڪ حج نه رهندو پر 10 (ڏهن) حجن جي برابر ٿي ويندو. هتي هڪ مسئلو ذهن ۾ رکو! جيڪڏهن حج فرض هجي ته اهو پنهنجي طرفان ئي ڪرڻو هوندو آهي، ها! فرض حج جو ثواب ماءُ پيءُ کي پهچائي سگهو ٿا. ان کان علاوه جيڪڏهن نفلي حج

---

1...دار قطنی، کتاب الحج، باب المواقیت، جلد:1، صفحہ:204، حدیث:2585۔
2...دار قطنی، کتاب الحج، باب المواقیت، جلد:1، صفحہ:204، حدیث:2584۔
3...دار قطنی، کتاب الحج، باب المواقیت، جلد:1، صفحہ:204، حدیث:2587۔

ڪرڻ جي سعادت ملي تہ اُھو پنھنجي بدران ماءُ پيءُ جي طرفان ڪريو! اِنۡ شَآءَاللهُ الۡكَرِيۡم! ان حج جو ثواب ماءُ پيءُ کي بہ ملندو ۽ ان سان گڏوگڏ توھان کي بہ 10 (ڏھن) حجن جو ثواب نصيب ٿي ويندو. جيڪڏھن ماءُ يا پيءُ مان ڪو ھڪ اھڙي حال ۾ فوت ٿي ويو ھجي جو ان تي حج فرض ٿي چڪو ھو ۽ ھُو نہ ڪري سگھيا تہ ھاڻي اولاد انھن جي طرفان حج بدل ڪري سگھي ٿي. **حج بدل** جا تفصيلي احڪام ڄاڻڻ جي لاءِ امير اھلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي ڪتاب رَفِيقُ الۡحَرَمَين جي صفحي **208** کان **214** جو مطالعو فرمايو.

## ماءُ پيءُ جي قبر تي وڃڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! مرحوم ماءُ پيءُ جي حقن مان ھڪ اھم حق ھي بہ آھي تہ پٽ ماءُ پيءُ جي قبر تي حاضري ڏيندو رھي. پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو پنھنجي ماءُ پيءُ يا بنھي مان ڪنھن ھڪ جي قبر تي ھر جمعي جي ڏينھن زيارت لاءِ حاضر ٿيندو رھندو تہ الله پاڪ ان جا گناھ بخشي ڇڏيندو ۽ ڪيس ماءُ پيءُ سان سٺو سلوڪ ڪرڻ وارو لکيو ويندو. (1)

ھڪ حديث پاڪ ۾ فرمايو ويو: جيڪو شخص جمعي جي ڏينھن پنھنجي والدين يا انھن مان ڪنھن ھڪ جي قبر جي زيارت ڪري ۽ انھن وٽ سورة يٰس پڙھي تہ ان کي بخشيو ويندو. (2)

1… معجم صغير، صفحہ:659، حديث:955۔
2…الكامل لابن عدی، رقم:1321، عمرو بن زياد…الخ، جلد:6، صفحہ:106۔

# مقبول حج جو ثواب

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان هڪ حديث شريف ڪوڙ پيرا ٻڌي هوندي تہ ماءُ پيءُ جي چهري کي پيار سان ڏسڻ مقبول حج جو ثواب آهي. (1) جن جا والدين دنيا مان هليا ويندا آهن، شايد انهن جي لاءِ سڀ کان وڏو نقصان اهو ئي هوندو آهي تہ انهن کان مقبول حج جو موقعو کسجي ويندو آهي. پر قربان وڃجي! پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تمام گهڻا سخي آهن، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن کي بہ محروم نہ ڇڏيو آهي. جن جا والدين دنيا مان هليا ويا آهن، انهن جي لاءِ بہ مقبول حج جو ثواب حاصل ڪرڻ جو موقعو آهي. پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ثواب جي نيت سان والدين جي قبر جي زيارت ڪرڻ واري کي مقبول حج جو ثواب ملندو. (2)

سُبْحٰنَ اللّٰه! معلوم ٿيو تہ ماءُ پيءُ دنيا مان هليا وڃن، تڏهن بہ مقبول حج جو ثواب ڪمائڻ جو موقعو موجود آهي، چاهيو تہ روزانو قبرستان ۾ حاضري ڏيو! روزانو ماءُ پيءُ جي زيارت لاءِ وڃو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! جيترا پيرا ويندؤ، اوترن ئي مقبول حجن جو ثواب نصيب ٿيندو.

هاڻي هتي هڪ ٻيو مسئلو آهي، ماءُ پيءُ جيئرا هجن، پٽ انهن جي خدمت ۾ حاضر ٿِيي، سندن چهري جي زيارت ڪري، ان سان مقبول حج جو ثواب تہ ملندو ئي ملندو آهي، پر ان سان گڏوگڏ ماءُ

---

1...شعب الايمان، باب في بر الوالدين، جلد:6، صفحہ:186، حديث:7856۔

2...نوادر الاصول، الاصل الخامس عشر...الخ، جلد:1، صفحہ:72۔

پيءُ کي ڏسڻ سان سڪون به ته ملندو آهي، ٿڪاوٽ به ته لهي ويندي آهي، ماءُ پيءُ سان ڳالهائي، انهن جي دل جي ٻڌڻ سان، پنهنجي دل جي ٻڌائڻ سان غم به ته هلڪا ٿي وېندا آهن. هاڻي قبر جي زيارت ڪري مقبول حج جو ثواب ته ملي ويندو، پر هي جيڪي مٿيان فائدا آهن، دل کي سڪون ملڻ، غمن جو هلڪو ٿيڻ، اُهي ته هاڻي ميسر نه ٿي سگهندا، قبر تي ويندا ته اتي مٽي نظر ايندي، امي جان، ابو جان جو چمڪندڙ، مسڪرائيندڙ چهرو ته نظر نه ايندو.

قبر جي زيارت ڪرڻ ۾ جيئن ته اهو ڏک به شامل آهي، تنهنڪري پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رحمت جو اظهار ڪيو، فرمايائون: جيڪو ڪثرت سان پنهنجي ماءُ پيءُ جي قبر جي زيارت ڪري (ان کي مقبول حج جو ثواب ته ملندو ئي ملندو، ان سان گڏوگڏ هڪ ٻيو انعام به کيس ملندو ته) جڏهن هي نيڪ پٽ پاڻ پنهنجي قبر ۾ لهندو ته فرشتا سندس قبر جي زيارت لاءِ ايندا. (1)

سُبۡحٰنَ اللّٰه! پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! ڪيڏيون نه پياريون پياريون فضيلتون آهن، پر افسوس! اولاد انهن فضيلتن کان بي خبر هوندي آهي، اڄ ماءُ پيءُ کي دفن ڪرڻ کان پوءِ ڪجهه ڏينهن ته غم تازو هوندو آهي، روزانو ماءُ پيءُ جي قبر تي حاضري ٿيندي رهندي آهي، پر جلد ئي ماڻهو دنيا جي گهما گهمي ۾ گُم ٿي ويندا آهن، پوءِ شروع شروع ۾ مهينن جا مهينا ۽ پوءِ آهستي آهستي سالن جا سال گذري ويندا آهن، پر ماءُ پيءُ جي ياد به نه ايندي آهي.

افسوس! پيارا اسلامي ڀائرو! غور ته ڪريو! اسان جا اهي والدين ...!! جيڪي اسان جي رات جو **10** منٽ دير ٿي وڃڻ تي

---

1...نوادر الاصول، الاصل الخامس عشر...الخ، جلد:1، صفحہ:72۔

پريشان ٿي ويندا هئا، فون مٿان فون اچڻ شروع ٿي ويندا هئا، ماءُ تڙپي ويندي هئي ته هاءِ! منهنجو لعل اڃان تائين گهر نه موٽيو آهي، هزارين وسوسا هڪ منٽ ۾ سندس دل تي تَري ايندا هئا. پوءِ جڏهن اسان گهر پهچندا هئاسون ته ماءُ سيني سان لڳائي مٿو چمندي هئي. آه! اڄ اُهي ماءُ پيءُ جڏهن قبر ۾ آهن ته هاڻي اولاد کي هفتو، مهينو مهينو پر سالن تائين انهن جي ياد به نه ايندي آهي، انهن جي قبر تي کين وڃڻ نصيب نه ٿيندو آهي. ڪاش! اسان هوش ۾ اچون، ڪاش! اسان ماءُ پيءُ جو قدر سڃاڻيون، توهان ڏسو! ڪيڏي نه پياري فضيلت بيان ڪئي وئي: جيڪو ماءُ پيءُ جي قبر تي وڃي، الله پاڪ کيس مقبول حج جو ثواب عطا فرمائيندو ۽ ان سان گڏوگڏ جڏهن اُهو شخص پاڻ پنهنجي قبر ۾ لهندو ته الله پاڪ جا فرشتا ان جي قبر جي زيارت لاءِ ايندا.

## گناهن کان بچو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! مرحوم والدين جا ٻيا به تمام گهڻا حق آهن، آخر ۾ هڪ سبق آموز حديث پاڪ ٻڌو! رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هر سومر ۽ خميس جي ڏينهن الله پاڪ جي بارگاهه ۾ ٻانهن جا اعمال پيش ڪيا ويندا آهن ۽ انبياءِ ڪرام عليهم السلام ۽ مرحوم ماءُ پيءُ جي سامهون هر جمعي تي ٻانهن جا اعمال پيش ڪيا ويندا آهن. نبي جڏهن پنهنجي امتين جون ۽ ماءُ پيءُ جڏهن پنهنجي اولاد جون نيڪيون ڏسندا آهن ته سندن چهرا خوشيءَ وِچان ٻهڪڻ لڳندا آهن. اي الله جا ٻانهو! الله پاڪ کان ڊڄو! پنهنجي مرحوم والدين کي پنهنجن گناهن سان تڪليف نه

پهچايو! (1)

الله! الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديث شريف تي بار بار غور فرمايو! اُهي پٽ جيڪي ۞ نماز نہ پڙهندا آهن ۞ جيڪي روزا نہ رکندا آهن ۞ نيڪ ڪم نہ ڪندا آهن ۞ فلمون ۽ ڊراما ڏسندا آهن ۞ بدنگاهي جي گناهہ ۾ مبتلا رهندا آهن ۞ وياج جي ڏيتي ليتي ڪندا آهن ۞ غيبتون ۞ چغليون ۞ حسد ۞ ڪُوڙ وغيره گناهن ۾ گرفتار هوندا آهن، ياد رکو! اسان جا اِهي اعمال اسان جي ماءُ پيءُ جي سامهون پيش ڪيا ويندا آهن، ماءُ پيءُ کي اسان جا گناهہ ڏسي ڏک ٿيندو آهي. خدارا ...!! خيال ڪريو! اي اُها اولاد ...!! جيڪي ماءُ پيءُ جي وفات تي خوب ڳوڙها وَهائيندا آهيو ، ماءُ پيءُ جي جدائي برداشت نہ ڪري سگهندا آهيو، ماءُ پيءُ جي ياد ۾ روئيندا رهندا آهيو، خدارا! غور ڪريو! هاءِ! دنيا ۾ تہ ماءُ پيءُ جا حق پوري طرح ادا نہ ڪري سگهيؤ، هاڻي گهٽ ۾ گهٽ قبر ۾ تہ ڪين سڪون پهچايو، خوب نيڪيون ڪريو، گناهن کان بچو، اسان پوري ڪوشش ڪريون تہ هر جمعي تي جڏهن ماءُ پيءُ جي سامهون اسان جا اعمال پيش ٿين تہ اسان جي اعمال نامي ۾ هڪ بہ گناهہ موجود نہ هجي...!!

الله پاڪ اسان کي توفيق نصيب فرمائي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم.

## نماز ۽ روزن جو فِديو ادا ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! مرحوم والدين جا ٻيا بہ حق آهن، جيڪي اولاد تي لازمي آهن، انهن حقن جي باري ۾ تفصيلي معلومات ڄاڻ

1...جامع صغير، صفحہ:199، حديث:3316۔

جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي طرفان شايع ٿيل رسالو مرحوم والدين کے حقوق (مرحوم والدين جا حق) جو مطالعو ڪريو.

آخر ۾ هڪ ڳالهہ بہ عرض ڪرڻي آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن ماءُ پيءُ تہ دنيا مان هليا ويندا آهن پر انهن جي ذِمي روزا ۽ نمازون باقي هوندا آهن، يعني ڪجهہ نمازون رهيل هونديون آهن، ڪجهہ روزا ڇڏجي ويا هوندا آهن. هيءَ مرحومين سان تمام بهترين نيڪي آهي تہ اسان انهن جي نمازن ۽ روزن جو فِديو ادا ڪري ڇڏيون، فرمانبردار اولاد کي گهرجي تہ هيءَ نيڪي ضرور ڪري، ڪهڙي خبر تہ امان ۽ بابا ان سبب جي ڪري جنت ۾ داخل ٿيڻ کان روڪيا ويا هجن، ڪهڙي خبر اسان فِديو ادا ڪريون ۽ سندن بخشش ٿي وڃي.

نماز ۽ روزي جو فِديو ڪيترو هوندو آهي؟ ڪيئن ادا ٿيندو آهي؟ ان ۾ تفصيل آهي. دارالافتاء اهلسنت ۾ مفتيانِ ڪرام سان رابطو فرمائيندا تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! تفصيلي معلومات ملي ويندي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: فجر جي لاءِ جاڳائڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ نمازي بڻجڻ، گناهن کان بچڻ جو ذهن حاصل ڪرڻ ۽ اخلاق ۽ ادب سکڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! **12** ديني ڪمن ۾ خوب زور شور سان

حصو وٺو، 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: **فجر جي لاءِ جاڳائڻ** بہ آهي.

**نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ سنتِ مصطفيٰ آهي:** ۞ الله پاڪ جا آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فجر جي لاءِ ويندي سمهيلن کي جاڳائيندا هئا. [1] ۞ مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عنه جو بہ اهو ئي انداز هو. [2] ۞ ۽ مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰهُ عنه جو بہ ان پياري پياري سنت تي عمل هو. [3]

**توهان بہ هيءَ سنت اختيار ڪريو!** نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائيندا ڪريو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻيون برڪتون حاصل ٿينديون ۞ ٻين کي جاڳائيندا تہ پاڻ کي بہ نمازِ فجر باجماعت پڙهڻ جي سعادت ملندي ۞ صبح صبح نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ملندو ۞ توهان جي جاڳائڻ سان جيترا ماڻهو نماز پڙهندا، انهن سڀني جي نمازن جو ثواب انهن کي بہ ملندو ۽ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! توهان جي اعمال نامي ۾ بہ لکيو ويندو ۞ صبح صبح پيدل هلڻ جو موقعو ملندو تہ صحت بہ سٺي رهندي.

اِهو ڪو مشڪل ڪم نہ آهي، جماعت جي وقت کان 20، 25 **منٽ** اڳ اٿو! نمازِ فجر جي لاءِ تہ ويجهو ئي آهي، صدا لڳائيندا وڃو! مسجد بہ پهچي ويندا ۽ الله پاڪ جي فضل سان نيڪي جي

---

1...ابوداؤد، کتاب الصلاۃ، باب الاضطجاع بعدھا، صفحہ:208، حدیث:1264۔
2...مشکاۃ المصابیح، جلد:1، صفحہ:244، حدیث:1240 ماخوذاً۔
3...تاریخ الخلفاء، صفحہ:112 ماخوذاً۔

دعوت عام ڪرڻ جو ثواب بہ ملي ويندو. نيت ڪريو تہ! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائيندو رهندس. اڇو تہ توهان جي ترغيب لاءِ هڪ مدني بهار توهان کي ٻڌايان:

# فيضانِ مدينہ جي لاءِ زمين ملي وئي

هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ دعوتِ اسلامي جي قافلي سان گڏ اسان هڪ شهر ۾ وياسين، اذانِ فجر کان پوءِ اسان فجر جي لاءِ جاڳائڻ وجي رهيا هئاسين تہ اوچتو هڪ گهر مان هڪ ماڊرن (*Modern*) نوجوان اسان سان اچي شامل ٿيو ۽ هن فجر جي نماز مسجد ۾ باجماعت ادا ڪئي. بعد ۾ اُن نوجوان جا والد قافلي وارن سان ملڻ آيا. اُهي امير شخص هئا. انهن ٻڌايو تہ نمازِ فجر ۾ جاڳائڻ جي برڪت سان منهنجو نافرمان ماڊرن (*Modern*) بي نمازي پٽ پنج وقت نماز پڙهڻ لڳو آهي. الحمدﷲ! اُن ماڊرن (*Modern*) نوجوان جي والد متاثر ٿي ان شهر ۾ مدني مرڪز فيضانِ مدينہ لاءِ زمين ڏئي ڇڏي.

تِرا شکر مولا دیا دینی ماحول | نہ چھوٹے کبھی بھی خدا دینی ماحول
یقینا مقدر کا وہ ہے سکندر | جسے خیر سے مل گیا دینی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# نعت ڪليڪشن (*Naat Collection*)

# موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اڄ ٽيڪنالاجي جو دور آهي. الحمدﷲ! عاشقانِ

رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي سمارٽ فون (*Smartphone*) جي ذريعي بہ علمِ دين عام ڪري رهي آهي. اِن سلسلي ۾ دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمينٽ پاران هڪ موبائل ايپلي ڪيشن **نعت ڪليڪشن** *Naat Collection* جي نالي سان جاري ڪئي وئي آهي ۞ هن ايپ ۾ اعليٰ حضرت، مولانا حامد رضا خان، مفتيءِ اعظم هند مولانا حسن رضا خان، مفتي نعيم الدين مراد آبادي، مولانا جميل رضوي، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحمۃُ اللہِ عَلَیۡھِم ۽ امير اهل سنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِیَہ جي ڪلامن کي شامل ڪيو ويو آهي ۞ هر مجموعي ۾ ڪلامن کي حروفِ تهجي ۽ رديف جي ترتيب سان ڏسي سگهجي ٿو جڏهن تہ سرچ بار جي مدد سان پنهنجو گهربل ڪلام آساني سان ڳولي سگهجي ٿو ۞ مختلف ڪلامن کي آڊيو / ويڊيو ۾ ٻڌي ۽ ڏسي بہ سگهجي ٿو ۽ فري ڊائون لوڊ بہ ڪري سگهجي ٿو ۞ پنهنجي پسنديده ڪلام کي نشان زده ڪري بار بار ٻڌي سگهجي ٿو ۞ توهان پنهنجو پسنديده ڪلام مائي ڪليڪشن (My Collection) فيچر ۾ محفوظ ڪري سگهو ٿا ۽ ڪلام يا شعر ڪاپي ڪري واٽس ايپ، فيسبڪ، ٽوئيٽر وغيره تي شيئر بہ ڪري سگهو ٿا. هي ايپ پاڻ بہ ڊائون لوڊ ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!　　صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

# عيد جي 6 روزن جي ترغيب

اي عاشقانِ رسول! شوال شريف جو مهينو جاري آهي. خوشنصيب مسلمان هن مهيني ۾ عيد الفطر کان پوءِ 6 روزا رکڻ

جي سعادت حاصل ڪندا آهن، اچو تہ اِنهن روزن جي فضيلت جي باري ۾ ٻڌون ٿا تہ جيئن اسان جو اِهي روزا رکڻ ۽ انهن جي برڪتن مان فيضياب ٿيڻ جو ذهن بڻجي ۞ حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن رمضان جا روزا رکيا پوءِ شوال ۾ **6** ڏينهن روزا رکيا اُهو گناهن کان ائين پاڪ ٿي ويو جڻ اڄ ئي پنهنجي ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو آهي.(1) جنهن رمضان جا روزا رکيا ۽ ان کان پوءِ شوال ۾ **6** روزا رکيا تہ اُهو ائين آهي جڻ ان سڄي زندگي روزا رکيا. (2) ۞خليلِ ملت مفتي محمد خليل خان برڪاتي رَحمۃُاللہِعَلَيْه فرمائن ٿا: اِهي روزا عيد کان پوءِ مسلسل رکيا وڃن تڏهن بہ ڪو حرج نہ آهي، پر بهتر هي آهي تہ هر هفتي **2** روزا رکيا وڃن ۽ عيد جي ٻئي ڏينهن هڪ روزو رکيو وڃي ۽ جيڪڏهن سڄي مهيني ۾ رکيا وڃن تہ اجان وڌيڪ مناسب آهي. (3)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!　　　　صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

# ڪجهہ ضروري اعلانات

۞ هر چنڇر تي اميرِ اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو **هفتيوار مدني مذاڪرو** فرمائيندا آهن، ايندڙ چنڇر تي بہ عشاء جي نماز کان پوءِ مدني چينل تي اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخ طريقت، امير اهل سنت مولانا الياس

---

1... مجمع الزوائد، کتاب الصیام، باب فیمن صام... الخ، جلد:3، صفحہ:322، حدیث:5102۔
2... مسلم، کتاب الصیام، باب استحباب صوم... الخ، صفحہ:424، حدیث:1164۔
3... سنی بہشتی زیور، صفحہ:347۔

عطار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتهمُ الۡعَالِيه سوالن جا جواب بہ عطا فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت ڪن ۽ ٻين کي بہ دعوت ڏين ❀ شيخِ طريقت، امير اهل سنت دَامَتۡ بَرَكَاتهمُ الۡعَالِيه يا خليفۂِ امير اهل سنت دَامَتۡ بَرَكَاتهمُ الۡعَالِيه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب بہ ارشاد فرمائيندا آهن. ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي (وڏي عمر ماڻڻ جو نسخو) جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا جهڙوڪ واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، الله پاڪ جي رِضا ۽ ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ هي رسالو ٻين سان بہ شيئر (*Share*) ڪريو! ۞ قرآن، حديث، عقائد، تصوف ۽ فقہ ۾ مڪمل مهارت رکڻ واري چوڏهين صديءَ جي بي مثال عالِمِ دين امام احمد رضا خان رَحمةُ اللهِ عَلَيۡه جي سيرت جي مختلف پهلوئن تي "**فيضانِ امام اهل سنت**". جي نالي سان هڪ ڪتاب شايع ڪيو ويو آهي. هي ڪتاب مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان **415 روپين** ۾ خريد فرمايو.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگيءَ جا ڪجھ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدار رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم فرمايو: مَنۡ أَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدۡ أَحَبَّنِي وَمَنۡ أَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الۡجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان

محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

# سُرمو پائڻ جون سنتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم: سيني سُرمَن ۾ بهترين سُرمو اِثمد آهي ڇو جو اِهو نظر کي تيز ڪندو آهي ۽ پلڪُون يعني ڇپَرَن کي وڌائيندو آهي. (2)

اي عاشقان رسول! پٿر جو سُرمو استعمال ڪرڻ ۾ حرج نہ آهي ۽ ڪارو سُرمو يا ڪَجَل سينگار جي نيت سان مرد کي لڳائڻ مکروھ آهي ۽ جيڪڏهن زينت مقصود نہ هجي تہ ان ۾ ڪراهت نہ آهي. سُرمو رات جو سمهڻ وقت استعمال ڪرڻ سنت آهي. سرمو استعمال ڪرڻ جا 3 منقول طريقا هيٺ پيش ڪجن ٿا: (1): ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ 3،3 سَرايُون (2): ڪڏهن ساڄي اک ۾ 3 سَرايُون ۽ کاٻي اک ۾ 2 سَرايُون (3): ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ 2،2 سَرايُون ۽ پوءِ آخر ۾ هڪ سَرائي سُرمي سان ڀري ٻنهي اکين ۾ پايو، ائين ڪرڻ سان ٽنهي طريقن تي عمل ٿيندو رهندو.

اي عاشقانِ رسول! تڪريم وارا جيترا بہ ڪم آهن، اسان جا پيارا آقا هميشہ ساڄي طرف کان شروع ڪندا هئا، تنهنڪري سُرمو

1...مشکوٰۃ،کتابُ:الْاِیمان،بابُ:الْاِعْتِصَام،جلد:1،صفحہ:55،حدیث:175۔
2...ابن ماجہ،کتاب:الطب،باب:الکحل بالاثمد،صفحہ:566،حدیث:3497۔

بہ پهريان ساڄي اک ۾ ۽ پوءِ کاٻي اک ۾ پايو.[1]

عجب نہیں کہ لکھا لوح کا نظر آئے! | جو نقشِ پا کا لگاؤں غبار آنکھوں میں

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبۃ المدينہ جو شايع ٿيل ڪتاب **بهارِ شريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو **91** صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

اُلفتِ مصطفٰے اور خوفِ خدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم چاہئے چشمِ نم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو[2]

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم.

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي

1...550 سنتیں اور آداب، صفحہ: 38۔
2...وسائل بخشش، صفحہ: 669۔

الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف جي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

1.. افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151 ملخصًا
2.. افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65
3.. القول البديع الباب الثانی، ص277

## ﴿4﴾ ڇھ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْکِ اللہِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف ڪي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.[1]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَہٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھم ڪي تَعَجُّب ٿيو تہ اھڙي مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي.[2]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّ اَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آھي : جيڪو شخص

1... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149

2... القول البدیع الباب الاول، ص125

هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

2... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

3 ... ابنِ عساكر ج19، ص 155، حديث 4455